امير اهل سنت جي ڪتاب ”عاشقان رسول جون 130 حڪايتون“ جي هڪ قسط

**هفتيوار رسالو**

# مڪي شريف جون مسجدون

(سنڌي)



- مسجد الحرام ۾ نماز مصطفيٰ جا 11 مقام
- خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها جو گهر
- نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جي ولادت گاهه
- حضرت ميمونه رضي الله عنها جي مزار

ترجمو
TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)


شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج1 ص40 دار الفكربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: مڪي شريف جون مسجدون

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ

**جو رسالو**

# مڪي شريف جون مسجدون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:**☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# مکي شريف جون مسجدون [1]

دعاءِ عطار: ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”مڪي جون مسجدون“ پڙهي يا ٻڌي وني، ان کي حج ۽ عمري جي سعادت عطا فرماءِ ۽ اُن کي والدين ۽ خاندان سميت بي حساب جنتُ الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهي، الله پاڪ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهي، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي، ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (معجم اوسط، 252/5، حديث: 2735)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد الحرام

مڪي شريف جي گهٽي مشهور مسجد ”مسجدُ الحرام“ آهي، ان ۾ ئي ڪعبہ مشرفہ جلوه فرما آهي- ڪيترن ئي حديثن ۾ ان ڳالهہ جي صراحت ڪئي وئي آهي تہ مسجدُ الحرام ۾ هڪ نماز ٻي مسجد ۾ هڪ لک نمازون ادا ڪرڻ برابر آهي، قرآن ڪريم ۾ ڪيترن ئي

[1] هي مضمون اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ جي صفحي 227 کان 246 تان ورتو ويو آهي.

هنڌن تي مسجد الحرام جو ذڪر ڪيو ويو آهي، مثال طور 15 سيپاري جي شروعاتي آيت ۾ آهي:

سُبْحٰنَ الَّذِیْۤ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَیْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِیْ (پ15، بنی اسرائیل:1)

**ترجموڪنزالايمان:** پاڪائي آهي ان ڪي جيڪو پنهنجي پانهي ڪي راتو رات وٺي ويو مسجد حرام ڪان مسجد اقصيٰ تائين.

## مسجد الحرام ۾ 70 پيغمبرن جون مزارون آهن

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مجدّدِ دين و ملّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه "فتاويٰ رضويه" جلد 7 صفحي 303 تا 304 تي نقل ڪن ٿا: ڪنهن نبي يا وليءَ جي قُرب ۾ (يعني ويجهو) مسجد ٺاهڻ ۽ ان جي قبر سڳوري وٽ نماز پڙهڻ انهن بن نيتن سان نه (يعني نه نماز سان قبر جي تعظيم جو مقصد هجي نه ئي ان قبر ڏانهن منهن ڪرڻ جي نيّت هجي) بلڪ ان ڪري جو ان جي مدد مون ڪي پهچي ۽ ان جي قرب جي برڪت سان منهنجي عبادت ڪامل ٿئي، ان ۾ ڪا به خرابي نه آهي ۽ چيو ويو آهي ته اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي مزارِ پاڪ حطيم ۾ ميزابِ رحمت جي هيٺان آهي ۽ حطيم ۾ حَجرِ اسود ۽ زم زم جي وچ ۾ ستر پيغمبرن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جون قبرون آهن ۽ اتي نماز پڙهڻ کان ڪنهن به نه روڪيو- (لمعات التنقیح شرح مشکوٰۃ المصابیح ج 3 ص 52)

## "يا نبي چشم ڪرم" جي يارهن اکرن جي نسبت سان مسجد الحرام ۾ نماز مصطفيٰ جا 11 مقام

﴿1﴾ بيتُ الله شريف جي اندر ﴿2﴾ مقامِ ابراهيم جي پويان ﴿3﴾ مَطاف جي ڪناري تي حَجرِ اَسوَد جي سِڌائي ۾ ﴿4﴾ حَطِيم ۽ بابُ الڪعبه جي وچ ۾ رڪنِ عراقي جي پرسان ﴿5﴾ مقامِ حُفرَه وٽ جيڪا بابُ الڪعبه ۽ حَطِيم جي وچ ۾ ڪعبي جي ديوار جي پاڙ ۾ آهي، ان جڳهه کي "مقامِ امامتِ جبريل" به چوندا آهن- شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ جڳهه تي

جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام ڪي پنج نمازن ۾ امامت جو شرف بخشيو ۽ انهيءَ مبارڪ جڳهہ تي ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام ڪعبي جي تعمير جي وقت مٽي جو گارو ناهيو هو ﴿6﴾ بابُ الڪعبہ ڏانهن منهن ڪري (ڪعبي جي دروازي جي سڌائي ۾ نماز ادا ڪرڻ تمام طرفن جي سِڌائي ڪان افضل آهي[1]) ﴿7﴾ ميزابِ رحمت ڏانهن منهن ڪري (چيو وڃي ٿو تہ مزارِ پُرانوار ۾ بہ سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو مبارڪ انهيءَ طرف آهي) ﴿8﴾ تمام حطيم ۾ خصوصًا ميزابِ رحمت جي هيٺان ﴿9﴾ رڪنِ اَسوَد ۽ رڪنِ يماني جي وچ ۾ ﴿10﴾ رڪنِ شامي جي پرسان، ان طرح جو "بابِ عمره" پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پٺي مبارڪ جي پٺيان هوندو هو، چاهي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حطيم جي اندر ٿي ڪري نماز ادا فرمائيندا هئا يا ٻاهر ﴿11﴾ حضرتِ آدم صفيُّ الله عَلَيْهِ السَّلَام جي نماز پڙهڻ جي جڳهہ تي، جيڪو رڪنِ يماني جي ساڄي يا کاٻي طرف آهي ۽ وڌيڪ ظاهر هي آهي تہ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو مُصَلّو "مُستَجار" تي آهي-

(ڪتاب الحج ص 274)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد جن

اها مسجد جنّتُ المَعليٰ جي ويجهو واقع آهي، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان فجر جي نماز ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ٻڌي ڪري هتي جنّ مسلمان ٿيا هئا.

## ڪُراڙو جن

حضرت سَهل بن عبدالله رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڪُراڙي جن ڪي ڏٺو جيڪو هڪ وڏو قيمتي خوبصورت جُبو پائي بيتُ الله ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهي رهيو هو- ان جي سلام ڦيرڻ تي انهن ان ڪي سلام ڪيو

1 چيو وڃي ٿو تہ هندوستان ۽ پاڪستان ڪعبي جي دروازي جي ئي طرف ۾ واقع آهن.

۽ ان سلام جو جواب ڏنو ۽ چيائين تہ اوهان هن جُبي تي تعجب پيا ڪريو! اهو جُبو 700 سالن کان مون وٽ آهي- مان انهيءَ جُبي ۾ حضرت عيسيٰ روح الله عَلَيْهِ السَّلَام جو ديدار ڪيو هو ۽ ان ۾ ئي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ، محمد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي سعادت حاصل ڪئي آهي ۽ وڏيڪ ٻڌو مان انهن ئي جنن منجهان آهيان جن جي باري ۾ سورة جِنّ نازل ٿي هئي-

(صفة الصفوة ج 4 ص 357، بلد الامين ص 128)

جنّ وانسان وملک کو ہے بھروسا تیرا

سرورا! مرجعِ کل ہے درِوالا تیرا (ذوقِ نعت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد الرايَہ

اها مسجد ”مسجدِ جنّ“ جي پرسان ئي ساڄي هٿ جي طرف موجود آهي، ”رَايَة“ عربي ۾ جهنڊي کي چوندا آهن- هيءَ اها تاريخي جڳهہ آهي، جتي مڪي جي فتح جي موقعي تي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو جهنڊو شريف لڳايو هو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجدِ خَيف

اها مِنيٰ شريف ۾ موجود آهي. حِجَّةُ الوَداع جي موقعي تي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هتي نماز ادا فرمائي هئي، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: صَلّٰى فِيْ مَسْجِدِ الْخَيْفِ سَبْعُوْنَ نَبِيًّا يعني مسجدِ خَيف ۾ ستر نبين سڳورن (عليهمُ السَّلام) نماز ادا فرمائي- (المعجم الاوسط ج 4 ص 117 حديث 5407) ۽ فرمايو: فِيْ مَسْجِدِ الْخَيْفِ قَبْرُ سَبْعِيْنَ نَبِيًّا مسجد خيف ۾ ستر

نبين سڳورن (عَليهمُ السَّلام) جون قبرون آهن- (معجم الكبير ج 12 ص 316 حديث 13525)
هاڻي مسجد جي ڪافي توسيع ٿي چڪي آهي، مزارن جي زيارت نٿي ٿي سگهي، زيارت ڪندڙن کي گهرجي تہ اهي وڏي عقيدت سان هن مسجد جي زيارت ڪن، هتي اَنبياء (عَليهمُ السَّلام) جي خدمت ۾ هن طرح سلام عرض ڪن:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَنْبِيَاءَ اللهِ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ

پوءِ ايصالِ ثواب ڪري دعا گهرن-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ علٰى مُحَمَّد

## مسجدِ جعرانہ

مڪي شريف کان طائف جي طرف تقريبًا 26 ڪلوميٽرن تي موجود آهي، اوهان بہ هتان کان عمري جو اِحرام بَڌو چوتہ فتح مڪہ کان پوءِ طائف شريف فتح ڪري واپسيءَ تي حضور سراپا نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هتان کان عمري جو احرام بڌو هو- يوسف بن ماهَڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مقامِ جِعرَّانہ کان 300 نبين عَلَيهِمُ السَّلام عمري جو اِحرام بڌو هو- سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جِعرَّانہ جي مقام تي پنهنجي عصا(يعني لٺ) مبارڪ کوڙيائون تہ پاڻي جو چشمو ڦٽيو هو جيڪو نهايت ٿڌو ۽ منو هو- (بلدالامين ص 221، اخبارمڪه جز 5 ص 62، 69) مشهور آهي تہ انهيءَ جڳهہ تي کوهہ آهي- حضرت ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طائف کان واپسي تي انهيءَ جڳهہ تي ترسيا ۽ هتي مال غنيمت ورهايو هو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 28 شوالُ المُڪرَّم هتان کان عمري جو اِحرام بڌو هو- (بلد الامين ص 220، 221) انهيءَ جڳهہ جي نسبت قريش جي هڪ عورت ڏانهن آهي جنهن جو لقب جِعرَّانہ هو- (ايضاً ص 137) عوام انهي جڳهہ کي وڏو عمرو چوندا آهن، هي نهايت پُرسوز جڳهہ آهي- حضرت

علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ ”اَخبارُ الاَخيار“ ۾ نقل ڪن ٿا: منهنجي پير و مرشد حضرت عبدالوهاب مُتَقّي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ مون کي تاڪيد ڪئي تہ موقعو ملڻ تي جِعرَّانہ کان ضرور عمري جو احرام ٻڌجو ڇوتہ هي ايترو مُتَبَرّڪ مقام آهي جو مون هتي هڪ رات جي مختصر حصي ۾ سؤ ڀيرا کان وڌيڪ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو خواب ۾ ديدار ڪيو هو، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ عَلٰی اِحۡسَانِہٖ حضرت عبدالوهاب مُتَقّي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جو معمول هو تہ عمري جو احرام ٻڌڻ جي لاءِ روزو رکي پيادل جِعِرَّانہ ويندا هئا- (ملخص از اخبار الاخيار ص 278)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسجدِ تَنعِيم

مسجد الحرام کان تقريبًا 7 ڪلوميٽر تي حرم پاڪ جي حدن کان ٻاهر تنعيم نالي جڳهہ تي اها عاليشان مسجد واقع آهي، ان کي ”مسجدِ عائشہ“ بہ چئبو آهي، خوش نصيب زائرين هتان کان عُمري جو احرام ٻڌندا آهن- عوام هن هنڌ کي ننڍو عمرو چوندا آهن، هن مسجد جو تاريخي پس منظر هي آهي تہ 9 هجري ۾ جڏهن رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حج جي لاءِ تشريف کڻي ويا، اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا ساڻن گڏ هئي، مخصوص ڏينهن اچڻ سبب طواف ادا نہ ڪري سگهيون- حضور سروَر ڪائنات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا تہ ان کي مغموم ڏٺائون تہ فرمايائون: عائشہ پريشان نہ ٿي، اهو عارضو بَناتِ آدم (يعني عورتن) تي لکيو ويو آهي- حضور پر نور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان جي ڀاءُ حضرت عبدالرحمٰن بن ابوبڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کي فرمايو تہ عائشہ کي وٺي وڃو ۽ تَنعِيم واري هنڌ کان احرام ٻڌرائي عمرو ڪرايو- (صحيح بخاري ج 1 ص 127 حديث 317، بلد الامين ص 138)

## ابولهب ۽ ان جي زال جي قبر

ابن جُبَير پنهنجي سفر نامي ۾ لکي ٿو ته تَنْعِيم کان ڪجهه پري ڪابي پاسي ابو لهب ۽ ان جي زال اُمِّ جميل جون قبرون آهن، جن تي پٿرن جا ڍير پيل آهن- اڄ تائين ايندي ويندي ماڻهو انهن منحوس قبرن تي پٿراءُ ڪندا آهن- (والعِياذُ بالله) (بلدالامين ص 138، تاريخ مکه ص 445) هاڻي خبر ناهي ته انهن جون قبرون نظر اچن به ٿيون يا زمين ۾ دبجي ويون آهن يا ڪنهن عمارت جي هيٺ اچي ويون آهن- بهرحال اها ڪا زيارت گاهه ناهي صرف عبرت جي لاءِ تذڪرو ڪيو ويو آهي-

نہ اُٹھ سکے گا قیامت تلک خدا کی قسم!
کہ جس کو تُو نے نظر سے گرا کے چھوڑ دیا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## مسجد تنعيم جي تعمير

تنعيم جي هن تاريخي هنڌ کي سڀ کان پهريان محمد بن علي شافعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جن مسجد تعمير ڪئي ۽ پوءِ مڪي جي امير ابوالعباس قبو يعني گنبذ نهرايو هو ۽ بعد ۾ هڪ پوڙهيءَ عورت هڪ خوبصورت مسجد نهرائي- (بلد الامين ص 138، 139)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## مسجد نِمره

اها عاليشان مسجد عرفات جي ميدان جي اولهه ڪناري تي پنهنجا جلوا عام ڪري رهي آهي ۽ ان جا وڌيڪ به نالا هي آهن: (1) مسجد عرفه (2) مسجد ابراهيم-

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## مسجد ذي طُويٰ

مسجد الحرام کان تنعيم ڏانهن ويندي رستي تي اها مسجد واقع آهي- شهنشاهِ عالم، شافعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عمري يا حج جي سفر ۾ انهيءَ مقدّس مسجد کي نوازيو ۽ هتي رات جو قيام به فرمايو- اسان جي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اتباع (يعني پيروي) ۾ حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا به پنهنجي مقدس سفر ۾ ائين ئي ڪيو- (بلد الامين ص 143، صحيح بخاري ج 1 ص 236)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجدِ ڪَبش

مسجد ڪَبُش جبلِ ثَبِير جي پاسي ۾ آهي- انهيءَ مقدس هنڌ تي سيدنا ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام کي ارشاد ٿيو:

قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۱۰۵﴾ (پ 23 الصّٰفّٰت 105)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو اسان ائين انعام ڏيندا آهيون چڱن کي.

(بلد الامين ص 144)

چيو وڃي ٿو ته انهيءَ جاءِ تي حضرت اسماعيل ذبيحُ الله عَلَيْهِ السَّلَام کي ذبح جي لاءِ ليٽايو ويو هو، اتي ئي جنّت کان نازل ٿيل دنبو ذبح ٿيو هو- اهو دعا جي قبوليت جو هنڌ آهي، هاڻي مسجد جي زيارت نه ٿي سگهندي- اهو هنڌ مڪي شريف کان ايندي ”وڏي شيطان“ جي ساڄي پاسي 70 يا 80 قدمن جي فاصلي تي آهي-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غارِ مُرسلات

”مُرسلات“ نالي غار مِنٰي شريف جي مسجدِ خَيف کان اُتر ڏانهن جبل

تي آهي، اهو جبل عرفات شريف کان مِنٰي ڏانهن ايندي ساڄي هٿ تي آهي- رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ان مبارڪ غار ۾ ”سورت مُرسلات“ نازل ٿي هئي- چيو وڃي ٿو تہ سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مبارڪ غار ۾ تشريف فرما ٿيا تہ مٿئين پٿر سان مٿو مبارڪ لڳو تہ اهو پٿر نرم ٿي ويو ۽ ان ۾ مٿي مبارڪ جو نشان بہ پئجي ويو- عاشقان رسول برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان مبارڪ نشان سان پنهنجو مٿو لڳائيندا آهن- (بلد الامين ص 215، ڪتاب الحج ص 297)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سرورِ عالم ﷺ جي ولادت گاهه

حضرت علامہ قطبُ الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت گاهه وٽ دعا قبول ٿيندي آهي- (بلد الامين ص 201) هتي پهچڻ جو آسان طريقو اهو آهي تہ توهان مَروَه (جبل) جي ڪنهن بہ ويجهو واري دروازي کان ٻاهر اچو، سامهون نمازين جي لاءِ هڪ وڏو اِحاطو نهيل آهي، احاطي جي انهيءَ پاسي اهو مڪانِ عاليشان پنهنجا جلوا عام ڪري رهيو آهي، انشآءَالله پري کان نظر اچي ويندو- خليفي هارون رشيد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي والده هتي مسجد تعمير ڪرائي هئي- اڄڪلهہ ان مُقدّس جڳهہ تي لائبريري قائم ڪئي وئي آهي ۽ ان تي بورڊ لڳل آهي: ”**مكتبة مكة المكرمة**“

## جبلِ ابوقُبَيس

هي دنيا جو سڀ کان پهريون جبل آهي، مسجدُ الحرام جي ٻاهر صفا ۽ مَروَه جي ويجهو واقع آهي، ان جبل تي دعا قبول ٿيندي آهي، مڪي وارا ڏڪار دوران انهيءَ جاءِ تي اچي دعا گهرندا هئا، حديث پاڪ ۾ آهي: ”حَجَرِ اَسوَد جنّت مان هتي ئي نازل ٿيو هو-“ (الترغيب والترهيب ج 2 ص 125 حديث 20)

انهيءَ جبل کي ”الامين“ بہ چيو ويو آهي تہ ”طوفانِ نوح“ ۾ حَجَرِ اَسوَد انهيءَ جبل تي حفاظت سان تشريف فرما رهيو، ڪعبي شريف جي تعمير جي موقعي تي ان جبل حضرت سيدنا ابراهيم **خليلُ الله** عَلَيْهِ السَّلَام کي پڪاري ڪري عرض ڪيو: حَجَرِ اَسوَد هتي آهي- (بلدالامين ص 204 بتغير قليل) منقول آهي: اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهيءَ جبل تي جلوه افروز ٿي ڪري چنڊ جا ٻہ ٽڪرا ڪيا هئا، جيئن تہ مڪو پاڪ جبلن جي وچ ۾ گهيريل آهي ان لاءِ اتان چنڊ ڏٺو ويندو هو، پهرين رات جي چنڊ کي هلال چيو ويندو آهي تنهنڪري يادگار جي طور تي هتي ”مسجدِ هلال“ تعمير ڪئي وئي آهي، ڪي ماڻهو ان کي مسجدِ بلال (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ) چوندا آهن- وَاللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ اَعلَم

جبل تي هاڻي شاهي محل تعمير ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي انهي مسجد جي زيارت نٿي ٿي سگهي- **1409** هه جي حج واري موسم ۾ ان محل جي پرسان بم ڌماڪا ٿيا هئا ۽ ڪيترائي حاجي سڳورا شهيد ٿي ويا هئا، انهيءَ ڪري هاڻي محل جي چوڌاري سخت پهرو رهندو آهي- محل جي حفاظت جي پيش نظر انهيءَ جبل جي سرنگهن ۾ ناهيل وضو خانا بہ ختم ڪيا ويا آهن- هڪ روايت جي مطابق حضرت **آدم صفيُّ الله** عَلَيْهِ السَّلَام انهيءَ ابو قُبَيس جبل تي واقع ”غارُ الڪنز“ ۾ دفن ٿيل آهن ۽ جڏهن تہ هڪ مُستَنَد روايت جي مطابق مسجد خَيف ۾ دفن آهن جيڪا مِنيٰ ۾ آهي- وَاللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ اَعلَم

جبلِ نور و جبلِ ثور اور ان کے غاروں کو سلام

نور برساتے پہاڑوں کی قطاروں کو سلام (وسائلِ بخشش)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خديجةُ الڪُبريٰ رَضِیَ اللهُ عَنۡها جو گهر

مڪي مديني جا سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيستائين مڪي پاڪ ۾ رهيا، انهيءَ گهر ۾ رهائش اختيار ڪيائون- حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنۡه کان علاوه باقي اولاد ۽ شهزاديءِ ڪونين بيبي فاطمہ زهرا رَضِیَ اللهُ عَنۡها جن جي هتي ئي ولادت ٿي- حضرت جبرئيل امين عَلَيۡهِ السَّلام ڪيئي ڀيرا انهيءَ مڪان عاليشان جي اندر بارگاهِ رسالت ۾ حاضري ڏني، حضورِ اَڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان وحيءَ جو نُزول انهيءَ ۾ ٿيو. مسجدِ حرام کان پوءِ مڪي پاڪ ۾ ان کان وڌيڪ ڪا افضل جڳهه ناهي، پر صد ڪروڙ افسوس! جو هاڻي ان جا نشان بہ مٽايا ويا آهن ۽ ماڻهن جي هلڻ جي لاءِ هتي هموار فرش ناهيو ويو آهي- مَرۡوَه جي ٽڪريءَ جي پرسان موجود بابُ المَرۡوَه کان نڪري کابي طرف (Left Side) حسرت ڀريل نگاهن سان صرف ان گهر مبارڪ جي فضائن جي زيارت ڪري ونو-

اے خدیجہ! آپ کے گھر کی فضاؤں کو سلام
ٹھنڈی ٹھنڈی دلکشا مہکی ہواؤں کو سلام

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ علٰی مُحَمَّد

## جبلِ ثَور جو غار

اهو غار مبارڪ مڪي پاڪ جي ساڄي پاسي "مَحَلَّهٔ مَسۡفَله" ڏانهن تقريبًا چار ڪلوميٽرن تي واقع جبلِ ثَور ۾ آهي- هي اهو مقدّس غار آهي جنهن جو ذِڪر قرآن شريف ۾ بہ آهي، مڪي مديني جا تاجوَر صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي يارِ غار ۽ يارِ مزار عاشق اڪبر حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ سان گڏ هجرت جي وقت ٽي راتيون هتي ترسيا هئا-

جڏهن دشمن ڳوليندي غار ثور جي منهن وٽ پهتا تہ حضرت صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ غمگين ٿي ويا ۽ عرض ڪيو: يارسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دشمن اسان جي ايترو تہ ويجهو اچي ويا آهن جيڪڏهن اهي پنهنجي پيرن تي نظر وجهندا تہ اسان کي ڏسي وٺندا، حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ

**ترجموڪنزالايمان:** غم نہ ڪر بيشڪ **الله** اسان سان گڏ آهي. (پ 10 التوبه 40)

انهيءَ جبلِ ثور تي قابيل حضرت هابيل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي شهيد ڪيو هو-

خوب چومے ہیں قدم ثور و حرا نے شاہ کے
مہکے مہکے پیارے پیارے دونوں غاروں کو سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غارِ حرا

تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ظهورِ رِسالت کان پهريان هتي ذِڪر و فڪر ۾ مشغول رهيا هئا، اهو قبلي جي طرف واقع آهي- رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تي پهرين وحي بہ انهيءَ غار ۾ نازل ٿي- جيڪا اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ۚ کان مَا لَمْ يَعْلَمْ تائين پنج آيتون آهن، اهو غار مبارڪ مسجد الحرام کان اوپر طرف تقريبًا ٽي ميل تي ”جبلِ حِرا“ تي موجود آهي، انهيءَ مبارڪ جبل کي جبل نور بہ چوندا آهن- ”غارِ حِرا“ غارِ ثور کان افضل آهي، ڇوتہ غارِ ثور ٽن ڏينهن تائين رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا قدم چميا، جڏهن تہ غارِ حِرا حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪت پري صحبت کان ڪافي عرصو فيضياب ٿيندو رهيو-

قسمتِ ثور و حرا کی حرص ہے
چاہتے ہیں دل میں گہرا غار ہم (حدائق بخشش)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## دارِ اَرقَم

دَارِ اَرقَم صفا جبل جي ويجهو واقع آهي، جڏهن بدبخت ڪافرن طرفان خطرو وڌي ويو ته حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهيءَ گهر ۾ پوشيده طور تي تشريف فرما رهيا، انهيءَ گهر ۾ ڪيترائي مسلمان ٿيا- سيدُ الشُّهداء حضرت حمزه ۽ اميرالمُؤمنين حضرتِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا انهيءَ گهر ۾ مسلمان ٿيا- انهيءَ ۾ سيپاري 10 سورة الانفال جي آيت 64 نازل ٿي:

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَ مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ۠ (۶۴)

خليفي هارون رشيد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي والده رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہَا هتي مسجد تعمير ڪرائي هئي بعد وارا خليفا به هن جي آرائش ۾ حصو وٺندا رهيا، هاڻي هن کي توسيع ۾ شامل ڪيو ويو آهي ۽ ان جي ڪا نشاني نٿي ملي-

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## محله مَسفله

اهو وڏو تاريخي محلو آهي، حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلام هتي ئي رهندا هئا- حضرت ابو بڪر صديق، فاروق اعظم ۽ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم به انهيءَ مبارڪ پاڙي ۾ رهندا هئا- اهو پاڙو خانهءِ ڪعبه جي ديوار جي حصي "مُستَجار" جي طرف موجود آهي-

رحمتیں ہوں اس محلے پر اے رب دوجہاں
تھا مکاں اس میں نبی کا تھے صحابہ کے مکاں
صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد

## جنتُ المَعليٰ

جنّتُ البَقِيع کان پوءِ جنّتُ المَعْلیٰ دنيا جو سڀ کان افضل ترين قبرستان آهي- هتي اُمُّ المُؤمنين خديجةُ الکُبريٰ ۽ عبدالله بن عمر ۽ ڪيترن ئي صحابہ و تابعين رَضِیَ اللہُ عَنْھُم اولياء ۽ صالحين رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْھِم جون مقدّس مزارون آهن- افسوس! هاڻي انهن جا قُبا وغيره شهيد ڪيا ويا آهن- مزارن ڪي ڊاهي انهن جي مٿان رستا ناهيا ويا آهن، تنهنڪري ٻاهران بيهي هن طرح سلام پيش ڪريو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الدِّيَارِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُسْلِمِيْنَ
وَاِنَّـآ اِنْ شَآءَ اللهُ بِكُمْ لَاحِقُوْنَ نَسْئَلُ اللهَ لَنَا وَلَكُمُ الْعَافِيَةَ ط

ترجمو: سلام هجي توهان تي اي قبرن ۾ رهڻ وارا مؤمنو ۽ مسلمانؤ! ۽ اسان بہ اِنْ شَآءَ الله اوهان سان ملڻ وارا آهيون. اسان الله پاڪ وٽ توهان جي ۽ پنهنجي عافيت جا طالب آهيون.

پنهنجي لاءِ، پنهنجي والدين، ۽ تمام اُمت جي لاءِ دعا گهرو، خاص ڪري جنّتُ المَعْليٰ وارن جي لاءِ ايصالِ ثواب ڪريو، انهي قبرستان ۾ دعا قبول ٿيندي آهي.

جنت المعلٰی کے مدفونین پر لاکھوں سلام
بے عدد ہوں رحمتیں اللہ کی ان پر مُدام
صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد

## مزارِ مَيمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا

سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا کان اِحرام جي حالت ۾ نڪاح فرمايو، اها مدينہ روڊ تي ”نوارِيہ“ جي پرسان مقام سرف تي موجود آهي، اها مزار شريف جيتوڻيڪ مڪي شريف کان ٻاهر آهي، تڏهن بہ حاجي سڳورا ڪوشش ڪن تہ حاضري ڏئي سگهن ٿا، سعادت حاصل ڪرڻ جي نيّت ۽ نزولِ رحمت لاءِ حضرت ميمونہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا) جي مزار شريف جو ذڪر ڪيون ٿا بس مدينہ روڊ تان تَنعِيم يعني مسجدِ عائشہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا) کان گذرندي ٿورو اڳتي ويندي آهي- مسجدُالحرام کان تقريبًا 17 ڪلوميٽر تي ان جو آخري اسٽاپ ”نَوَارِيہ“ آهي- هتي لهي وڃو ۽ مُڙي ڪري روڊ جي انهيءَ ڪناري تي مڪي پاڪ جي طرف هلڻ شروع ڪيو- ڏهہ يا پندرهن منٽ هلڻ کان پوءِ هڪ پوليس چيڪ پوسٽ آهي، پوءِ مَوقِفِ حُجَّاج نهيل آهي ان کان ٿورو پري روڊ جي انهيءَ طرف هڪ چؤديواري نظر ايندي- هتي **اُمُّ المُؤمِنِين** حضرتِ ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جي مزارِ فائضُ الانوار آهي- هي مزار مبارڪ روڊ جي وچ تي آهي، ماڻهن جو چوڻ آهي روڊ جي تعمير جي لاءِ انهيءَ مزار شريف کي شهيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ٽريڪٽر (Tractor) ڪلٽي تي ويندو هو، آخرڪار هتي چار ديواري ٺاهي وئي، اسان جي پياري پياري امان سائڻ ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جي ڪرامت مرحبا!

اَہلِ اِسلام کی مادَرانِ شَفِیق

بانُوانِ طَہارت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد


## وفات ڪان پوءِ سيدتنا ميمونہ انگور ڪارايا

اُمُّ المُؤمنين حضرت ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جي وفات ڪان پوءِ ظاهر ٿيڻ واري ڪرامت پڙهو ۽ ايمان تازو ڪيو- جن ڏينهن ۾ ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جي مزار پُر انوار جو ظاهري دروازو زائرين جي لاءِ ڪليل هوندو هو انهن ڏينهن جي حڪايت هڪ زيارتي جي زباني پڙهو: اڌ رات جي وقت اسان مڪي شريف ڪان مدينہ منوره وڃڻ واري رستي تي سرف نالي هنڌ تي پهتاسين جتي اُمُّ المُؤمنين حضرت سيدتنا ميمونہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَاجي مزار آهي، عجيب اتفاق هو جو ان ڏينهن مان ڪجهہ بہ نہ کاڌو هو ۽ بک جي شدت جي ڪري منهنجي طاقت جواب ڏئي چڪي هئي- ماني حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ڪٿان بہ نہ ملي، مجبور ٿي زيارت جي لاءِ حُجري پاڪ ۾ ويس. مون مزار فائض الانوار جي سامهون سلام عرض ڪيو- سورت الفاتحہ ۽ سورة الاخلاص پڙهي سندن روح پُر فُتُوح کي ايصال ڪيو ۽ فقيرانہ صدا لڳائي: اي پياري امڙ! مان اوهان جو مهمان آهيان- کائڻ جي لاءِ ڪجهہ عنايت فرمايو ۽ پنهنجي لطف و ڪرم کان مون کي محروم نہ فرمايو- مان وينو هئس تہ رزّاق مطلق جي طرفان هڪدم تازن انگورن جا بہ ڇڳا منهنجي هٿ ۾ اچي ويا، سياري جي موسم هئي ۽ ڪٿي بہ تازا انگور نہ هئا- مان حيران رهجي ويس ۽ هڪ ڇڳو تہ مان اتي ئي کائي ورتو ۽ باقي مزار شريف کان ٻاهر اچي هڪ هڪ داڻو ساٿين ۾ ورهايو- (مخزنِ احمدي ص 99)

ہاتھ اٹھا کر ایک ٹکڑا اے کریم!
ہیں سخی کے مال میں حقدار ہم

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

# ايندڙ هفتي جو رسالو





فيضان مدينہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net